SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXVIII مجريه 2021

# SINDH ACT NO.XXVIII OF 2021

# سنڌ ملازمت جا شرط (اسٽينڊنگ آرڊرز) (ترميم) ايڪٽ، 2021

# THE SINDH TERMS OF EMPLOYMENT (STANDING ORDERS) (AMENDMENT) ACT, 2021

## فهرست(CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1.مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2.جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعه 2 جي ترميم 2016
Amendment of Section 2 of Sindh Act No.XI of 2016
3.جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي شيڊول جي ترميم 2016
Amendment of Schedule of Sindh Act No.XI of 2016

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXVIII مجريه 2021

# SINDH ACT NO.XXVIII OF 2021

# سنڌ ملازمت جا شرط (اسٽينڊنگ آرڊرز) (ترميم) ايڪٽ، 2021

# THE SINDH TERMS OF EMPLOYMENT (STANDING ORDERS) (AMENDMENT) ACT, 2021

[4 آگسٽ 2021]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ ملازمت جا شرط (اسٽينڊنگ آرڊرز) ايڪٽ، 2015 ۾ ترميم ڪئي ويندي؛

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ ملازمت جا شرط (اسٽينڊنگ آرڊرز) ايڪٽ، 2015 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪي هيٺين ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1)هن ايڪٽ ڪي سنڌ ملازمت جا شرط (اسٽينڊنگ آرڊرز) (ترميم) ايڪٽ، 2021 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

| | |
|---|---|
| 2.سنڌ ملازمت جا شرط (اسٽينڊنگ آرڊرز) ايڪٽ، 2015 جنهن کي هن کانپوءِ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 2 جي ذيلي دفعہ (1) ۾: | سنڌ جي 2016 ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ 2 جي ترميم<br>Amendment of Section 2 of Sindh Act No.XI of 2016 |
| (i) شق (h) جي ذيلي شق (viii) ۾ لفظ "فيڪٽري" کانپوءِ لفظ "يا هڪ موسمي فيڪٽري" شامل ڪيا ويندا؛<br>(ii)شق (i) کانپوءِ هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:<br>"(i_a) "موسم" موسمي فيڪٽري جي سلسلي ۾ ان جو مطلب آهي اهو عرصو جنهن دوران اها ناهڻ جي پروسيس ۾ مصروف هجي، جهڙوڪ ڪپهه اٽڻ، ڪپهه يا ڪاٽن جوٽ پريسنگ، ڪپهه جي ٻج مان تيل ڪيڙڻ، فروٽ پروسيسنگ، رائيس هسڪنگ، مڱيرا ڇلهڻ يا ڪنڊ جو ناهڻ (بشمول ڳڙ جي)؛<br>(i_b) "موسمي فيڪٽري" مطلب موسمي فيڪٽري جيئن سنڌ فيڪٽريز ايڪٽ، 2015 (2016 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XIII) جي دفعہ 4 ۾ بيان ڪيل آهي؛". | |
| 3.ڄاڻايل ايڪٽ جي شيڊول ۾: | سنڌ جي 2016 ايڪٽ نمبر XI جي شيڊول جي ترميم<br>Amendment of Schedule of Sindh Act No.XI of 2016 |
| (i) اسٽينڊنگ آرڊر 1(a) ۾ شق (vi) کانپوءِ هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:<br>"(vii) موسمي مزدور"؛<br>(ii)اسٽينڊنگ آرڊر 1(g) کانپوءِ هيٺيون شامل ڪيو ويندو: | |

“(h) موسمي مزدور اهو ماڻهو آهي، جيڪو ملازمت تي، يا پاڙي تي رکيو وڃي يا جيڪو موسمي فيڪٽري ۾ ڪم تي لڳايو ويو آهي.”؛

(iii) اسٽينڊنگ آرڊر 2(1) ۾، لفظن “ڪانٽريڪٽ ورڪر” کانپوءِ لفظ “يا موسمي مزدور” شامل ڪيا ويندا؛

(iv) اسٽينڊنگ آرڊر 2(6) کانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

“(7) هر موسمي مزدور کي ڪارڊ فراهم ڪيو ويندو، جيڪو اهو موسم ختم ٿيڻ تي واپس ڪندو.”؛

(v) اسٽينڊنگ آرڊر 16(6) ۾:

(a) ان هيٺان پهريون شرطيه بيان ختم ڪيو ويندو؛

(b) ٻيءَ شرطيه بيان ۾، لفظ “وڌيڪ” کي ختم ڪيو ويندو؛

(c) ٽئين شرطيه بيان ۾، لفظ “پڻ” لاءِ لفظ “وڌيڪ” متبادل هوندو؛

(vi) اسٽينڊنگ آرڊر 20 کانپوءِ هيٺيون نئون اسٽينڊنگ آرڊر شامل ڪيو ويندو:

“20_A. موسمي مزدور لاءِ خاص گنجائش. موسمي مزدور جنهن موسمي فيڪٽري ۾ پوري موسم دوران ڪم ڪيو هجي، ٻئي ڪنهن فائدي سان گڏ، جيڪو ان کي هن ايڪٽ تحت يا وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون تحت ملندو هجي، موسم جي ختم ٿيڻ تي ان کي هڪ مهيني جي ويجز برابر رقم فوري طور تي

موسم ختم ٿيڻ کان اڳ هڪ مهيني اندر واجب الادا هڪ مهيني جي رقم سان گڏ ڏني ويندي:

بشرطيڪ موسم دوران موسمي مزدور جي ملازمت ۾ ڪنهن مداخلت يا غير حاضري جي صورت ۾، جيڪا سندس بيماري، حادثي، موڪل، چڙهڻ يا هڙتال، لاڪ آئوٽ يا ڪم بند ٿيڻ جي صورت ۾ ٿي هجي، ان سان هن اسٽينڊنگ آرڊر تحت ڪيس ملندڙ فائدو ختم نه ٿيندو.

وضاحت: هڪ موسمي مزدور کي پوري موسم ۾ ڪم ڪندڙ سمجهيو ويندو، جيڪڏهن هن ايترو ڪم ڪيو هجي جيڪو سڄي موسم دوران ڪل ڏينهن جي پنجهتر سيڪڙو کان گهٽ نه هجي.".

**نوٽ:ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**